# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1987

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1987

# سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1987

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ A_7 جي ترميم

Amendment of section 7_A of West Pakistan Act V of 1958

3. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ A_8 جي ترميم

Amendment of section 8_A of West Pakistan Act V of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1987

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1987

# سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1987

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

[10 آگسٽ، 1987]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

تمهيد (Preamble)

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي

| | |
|---|---|
| نافذ ڪرڻ فرمايو آهي: | |
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1987 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ شهري غير متحرڪ ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيوويندو، ان جي دفعہ 7_A ۾:<br>(a) شق (i) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو.<br>(b) شق (ii) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(iii) پهرين جنوري 1977 تي ملڪيتن جي سلسلي ۾ تاهيل اگهن جي فهرست، جيڪا سوري يا عارضي طور صنعتي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي، ڄاڻايل تاريخ کان لاڳو هوندي ۽ تيستائين ان موجب ٽيڪس اوڳاڙي ويندي جيستائين دفعہ 7 جي گنجائشن موجب نيون فهرستون عمل ۾ نہ اچن." | 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 7_A جي ترميم<br>Amendment of section 7_A of West Pakistan Act V of 1958 |
| 3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 8_A لاءِ، هيٺيون دفعہ شامل ڪيو ويندو:<br>(توثيق) 8_A. اگرچہ هن ايڪٽ، فيصلي يا ڪنهن ڪورٽ جي ڊڪري واري آرڊر ۾ شامل آهي، تہ جيڪي | 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 8_A جي ترميم |

Amendment of section 8_A of WEST PAKISTAN ACT V of 1958

ڪراچي ڊويزن جي سمورين يا جزوي ريٽنگ ايرياز ۾ صنعتي مقصدن جي لاءِ ڪم ايندڙ ملڪيتن بابت ملهه ڪٿڻ واريون لسٽون جوڙيون ويون آهن ۽ اهي پهرين جنوري 1977 کان لاڳو آهن، انهن کي صحيح سمجهيو ويندو ته اهي صحيح نموني سان جوڙيون ويون آهن ۽ نافذ ڪيون ويون آهن ۽ صحيح نموني سان ٽيڪس لڳائي وئي آهي، اوڳاڙي وئي آهي يا جمع ڪئي وئي آهي ۽ اهو سمجهيو ويندو ته اهي لسٽون درست نموني سان جوڙيون، لاڳو ڪيون ويون آهن ۽ صحيح نموني سان لڳايل ٽيڪس اوڳاڙي وئي آهي.

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**